# اِن شَآءَ اللّٰه

## چوڻ جون برڪتون

09-September-2021

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

09 سيپٽمبر 2021 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# اِن شَآءَاللّٰه چوڻ جون برڪتون

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگھندؤ..........

- ❖... حضرت جِزِئيل رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡه جي ايمان افروز حڪايت
- ❖... تفويض (سپرد ڪرڻ) ڇاکي چئبو آهي؟
- ❖... اِن شَآءَ اللّٰه چوڻ جون برڪتون
- ❖... بدشگوني جي باري ۾ اسلام جي تعليمات

پيشڪش
مجلس اَلۡمَدِیۡنَۃُ الۡعِلۡمِیه(اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)
ترجمو
ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ(دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

## اَلْاِعْتِكَافِ

**(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)**

**پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مسجد ۾ حاضري جي سعادت ملي، اعتڪاف جي نيت ضرور ڪري ونو، نيت دل جي ارادي کي چوندا آهن، دل ئي ۾ نيت ڪري ونو تہ مان اعتڪاف سان آهيان، توهان معتڪف ٿي ويندؤ، دل ۾ نيت حاضر هوندي زبان سان بہ دهرائي وٺڻ سنو آهي، چاهي پنهنجي مادري زبان ئي ۾ چئي ونو: مون سنت اعتڪاف جي نيت ڪئي.! اِنْ شَآءَ الله! جيستائين مسجد ۾ رهندؤ، نفلي اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو،**

## درودِ پاڪ جي فضيلت

**الله پاڪ جي حبيب، دلين جي طبيب** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جن فرمايو: جيڪو ٻانهو محبت ۽ شوق سان 3 ڀيرا ڏينهن جو ۽ 3 ڀيرا رات جو مون تي درودِ پاڪ پڙهي، الله پاڪ تي حق آهي تہ ان جي ان ڏينهن ۽ ان رات جا گُناهہ مُعَاف فرمائي ڇڏي.**[(1)]

**اي عاشقانِ رسول!** جيڪڏهن اسان ٿورو ڌيان ڏيون تہ وڏي آساني سان گُناهہ بخشرائي سگهون ٿا، مثال طور صبح نمازِ فجر باجماعت ادا ڪريون، ڪنڌ جهڪائي اکيون بند ڪري ۽ سبز سبز گنبذ جو تَصَوُّر ڪري 3 ڀيرا درودِ پاڪ

[1]…معجم الڪبير، جلد:8، صفحہ:69، حديث:15316۔

پڙهون، اهڙي طرح رات جو سمهڻ مهل چاهي بستر ئي تي قبلي ڏانهن چهرو ڪري ويهي، ڪنڌ جهڪائي، اکيون بند ڪري ۽ پياري پياري گنبذِ خضراء جو تَصَوُّر ڪري 3 ڀيرا دُرودِ پاڪ پڙهي وٺون، اِن شَآءَ الله الڪرِيم! ان ڏينهن ۽ ان رات جا گُنَاهه مُعَاف ٿي ويندا، خيال رهي! ڪبيره گُنَاهه سچي توبہ سان مُعَاف ٿيندا آهن، اهڙي طرح قضا نمازون، قضا روزا، ٻانهن جا مالِي، جسماني حق ذِمّي تي هجن تہ انهن جي ادائيگي پڻ لازمي آهي.

وہ تَو نہایت سستا سودا، بیچ رہے ہیں جنت کا ہم مفلس کیا مول چکائیں، اپنا ہاتھ ہی خالی ہے
(حدائقِ بخشش، صفحہ:186)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.
(جامع صغير، صفحہ:81، حديث:1284)

پيارا اسلامي ڀائرو! هر جائز ڪم کان پهريان سنيون نيتون ڪرڻ جي عادت بنائڻ گهرجي، ڇوتہ سني نيت انسان کي جنَّت ۾ داخِل ڪرائيندي آهي. بيان ٻڌڻ کان پهريان بہ سنيون سنيون نيتون ڪري وٺو! مثال طور نيت ڪريو! ❖ عِلْم دين سکندس ❖ اَدَب سان ويهندس ❖ پورو بيان ٻڌندس

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حضرت جزئِيل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ايمان افروز حڪايت

سيپاري: 24، سوره مؤمِن، آيت: 44 ۾ آهي:

وَاُفَوِّضُ اَمْرِیْۤ اِلَى اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بَصِیْرٌۢ بِالْعِبَادِ ﴿۴۴﴾

ترجمو: ۽ مان پنهنجو ڪم الله جي حوالي ڪريان ٿو بيشڪ الله ٻانهن کي ڏسي ٿو.

**پيارا اسلامي ڀائرو! آيت سڳوري جو هيءُ فرمان اصل ۾ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي هڪ اُمتي جو قول آهي جنهن کي الله ڪريم، رحمٰن ۽ رحيم قرآنِ ڪريم ۾ ذڪر فرمايو آهي. واقعو ڪجهه هن طرح آهي تہ فرعون جيڪو وڏو سرڪش، سخت ظالِم، ڪافِر بادشاهہ هو ۽ خُدائي جي ڪوڙي دعويٰ ڪندو هو، ان جي چاچي جي پٽ (يعني سوٽ) کي الله پاڪ هدايت جو نُور عطا فرمايو ۽ ان حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام تي ڪلمو پڙهي ايمان قبول ڪيو هو. فِرعَون جيئن تہ سخت ظالِم هو، اِيمان قبول ڪرڻ وارن تي گهڻو ظلم و ستم ڪندو هو، ان ڪري شروع شروع ۾ ان پنهنجو ايمان لڪايو هو. حضرت عبد الله بن عباس رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي روايت مطابق ان جو نالو "جزِئيل" هو.[1]**

**هڪ ڀيري فِرعَون پنهنجي وزيرن، مُشِيرن جو هڪ اجلاس گهرايو ۽ انهن کان مشورو ڪيو تہ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جن جي تبليغ ڏينهو ڏينهن ترقي ڪري رهي آهي، سندن پيرو ڪار وڌي رهيا آهن، حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي ڪيئن روڪجي، هن تبليغ جي راهہ ۾ رڪاوٽ ڪيئن وڌي وڃي؟ ان ايجنڊي تحت اِجلاس ۾ سڀ کان پهرين فِرعَون راءِ ڏيندي چيو:**

ذَرُوْنِیْۤ اَقْتُلْ مُوْسٰى

( سيپاري:24، سوره مؤمن:26)

**ترجموڪنزالايمان: مونکي ڇڏيو تہ مان موسيٰ کي قتل ڪريان**

**لَاحَوْلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ! خُدا جي لعنت پئي فِرعَون تي، ان بدبخت جي سرڪشي ۽ جُرئت ڏسو! الله پاڪ جي نبي عَلَيْهِ السَّلَام کي مَعَاذَ اللهُ! شهيد ڪرڻ جا منصوبا ڪري رهيو هو.**

**اهو تاريخ انساني جو تمام برو پهلو آهي جو انسان پنهنجي مُحسِن ئي جو دُشمن بڻجندو آهي، جيڪو انسان جو ڀلو چاهيندو آهي، انسان انهيءَ جي خلاف سازشون ڪرڻ لڳندو آهي، تاريخ ڪٺي ڏسي ونو! جڏهن بہ ڪنهن حق جو آواز**

---

[1]…تفسير مظہری، پارہ:24، سورۂ مؤمن، زیرِ آیت:28، جلد:6، صفحہ:201۔

بلند ڪيو، ماڻهن کي جنّت ڏانهن گهرايو، انهن کي نيڪ راهہ جي ترغيب ڏني ماڻهو ان مبلغ جا دُشمن ٿيا ❖ حضرت نُوح عَلَيۡهِ السَّلَام 950 سال تبليغ فرمائي، ماڻهن کي جنّت جي راهہ ٻڌائيندا رهيا، اللّٰہ پاڪ جو قُرب حاصِل ڪرڻ جو دُرست طريقو ٻڌائيندا رهيا، ترقي جون راهون ڏيکاريندا رهيا ۽ سمجهائيندا رهيا پر قوم حضرت نُوح عَلَيۡهِ السَّلَام جي ڳالهين تي ڌيان نہ ڏنو، 950 سال ۾ صِرف 80 ماڻهن ڪلمو پڙهيو، ماڻهو حضرت نُوح عَلَيۡهِ السَّلَام تي ظلم ڪندا هئا، مذاق مسخري جو نشانو بڻائيندا هئا ۽ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام تي مَعَاذَ اللّٰہ! جسماني تشدد ڪرڻ کان بہ نہ مڙندا هئا ❖ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام حق جو آواز بلند ڪيو، ماڻهن کي جنّت جي راهہ ڏيکاري تہ نمرود ۽ ان جي قوم حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام کي مَعَاذَ اللّٰہ! ٻڙڪندڙ باهہ ۾ اڇلائڻ جي ناپاڪ جسارت ڪئي ❖ ڪيترن نبين سڳورن عَلَيۡهِمُ السَّلَام کي تہ مَعَاذَ اللّٰہ! سرڪش ڪافِرن شهيد بہ ڪيو هو.

مطلب: اهو انساني تاريخ جو تمام ٻڇڙو پهلو آهي جيڪو انسان خود پسندي جو شڪار ٿيندو آهي، انسان غرور ۽ تَڪبُّر جي نشي ۾ حواس وڃائي ويهندو آهي، هوڏي تي ويندو آهي، ضد ڪندو آهي ۽ ڪڏهن تہ انهيءَ خودپسندي جي ڪري، انهيءَ غرور ۽ تَڪبُّر جي ڪري ذِلّت جي اهڙي اونهي کڏ ۾ ڪرندو آهي جو ان کي ٻيهر ڪنڌ ڪڍڻ جي همّت ناهي ٿيندي. فرعون بہ ايئن ئي هو، اهو بہ خود پسندي جو شڪار هو، اهو بہ غرور ۽ تَڪبُّر جي نشي ۾ بدمست هو، حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام ان کي حق جي دعوت ڏيندا هئا، جنّت جو رستو ٻڌائيندا هئا ۽ هو تاج و تخت جي نشي ۾، حڪومت جي نشي ۾، طاقت جي نشي ۾ حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي خِلاف سازش ڪري رهيو هو، هُو دليلن جي ذريعي تہ حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جو مقابلو نہ ڪري سگهيو هو، جڏهن حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام پنهنجي نبي هئڻ جا دليل ڏنا، معجزات ڏيکاريا تہ فرعون چيو: اهو جادُو آهي. فرعون جادُوگر گڏ ڪيا، مقابلو ڪرايائين، جادُوگرن پنهنجون پنهنجون رسيون اڇلايون، سڀني جون رسيون نانگ بڻجي ويون، حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جڏهن ان جي مقابلي ۾ پنهنجو عَصَا(لٺ) مبارڪ ميدان

۾ اڇلايو تہ اهو تمام وڏو ازدهو(وڏو نانگ) بڻجي ويو ۽ جادُوگرن جي رسين کي ڳيهي ويو، ان عظيم الشّان معجزي کي ڏسي سمورا جادُوگر سجدي ۾ ڪري پيا، سيئي ڪلمو پڙهي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جا پيروڪار بڻجي ويا.(1)

يعني فرعون دليلن جي ذريعي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جو مقابلو نہ پئي ڪري سگهيو، ان ڪري هُن حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي شهيد ڪرڻ جي سازش ڪئي، پنهنجا وزير مشير گهرائي انهن کي پنهنجي منصوبي تي راضي ڪيائين.

پر الله پاڪ جي قُدرت ڏسو! پهريان هڪ ڀيري جڏهن فرعون کي خواب جي ذريعي خبر پئي تہ بني اسرائيل جو هڪ ٻار فرعون جو تخت اونڌو ڪري ڇڏيندو، ان وقت فرعون هزارين ٻار قتل ڪرايا هئا، پر الله پاڪ جو شان تہ ڏسو! حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام انهيءَ جي گهر ۾، ان جي اکين جي سامهون نپيو وڏو ٿيو ۽ هو ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهيو،(2) هاڻي جڏهن فرعون حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي شهيد ڪرڻ جا منصوبا جوڙي رهيو هو تہ الله پاڪ انهيءَ جي قوم مان، ان جي قبيلي مان، ان جي خاندان مان، ان جي سوٽ حضرت حِزئِيل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جو حمايتي بڻائي ڇڏيو. پوءِ جڏهن فرعون حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي مَعَاذَ الله! شهيد ڪرڻ جو منصوبو بڻايو، ان وقت فرعون جي سوٽ حضرت حِزئِيل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي غيرتِ ايماني جوش ۾ آئي، جيستائين انهن کي پنهنجي جان جو خطرو هو، ان وقت تائين هن پنهنجو ايمان لڪايو هو پر هاڻي ڳالهہ الله پاڪ جي نبي، حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي عزّت جي هئي، هاڻي اِيمان لڪائڻ حڪمت جي خلاف هو، تنهنڪري حضرت حِزئِيل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فِرعَون کي روڪيو، دربار ۾ بيهي هڪ دڳهي تقرير ڪئي، فِرعون کي ۽ ان جي درٻارين کي الله پاڪ جي عذاب کان ڊيڄاريو، حضرت نُوح عَلَيْهِ السَّلَام، حضرت هود عَلَيْهِ السَّلَام، حضرت صالح عَلَيْهِ السَّلَام جي قومن جو حال ٻُڌايو، انهن کي حضرت يوسُف

[1]...تفصيل کے لئے دیکھئے:پارہ:9، سورۂ اعراف، آیت:109 تا 122۔

[2]...صراط الجنان، پارہ:24، سورۂ مؤمن، زیرِ آیت:25، جلد:8، صفحہ:548۔

عَلَيْهِ السَّلَام جي نبوت وارو دور ياد ڏياريو تہ هن ئي مِصر جي مُلڪ ۾ حضرت يوسُف عَلَيْهِ السَّلَام جي حڪومت هئي، حضرت يوسُف عَلَيْهِ السَّلَام بہ اللّٰه پاڪ جا نبي هئا، حضرت يوسُف عَلَيْهِ السَّلَام بہ انهيءَ ڳالھ جي دعوت ڏيندا هئا، جنهن ڳالھ جي دعوت اڄ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام ڏئي رهيا آهن، ان ڪري اي فرعون! اي فرعون جي قوم! اي فرعون جا وزيرؤ! توهان بہ ڪلمو پڙهو، ايمان قبول ڪيو، اللّٰه پاڪ جي عذاب کان پناھ گهرو، جنّت جي راھ تي هلو.

حضرت جِزئِيل رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْه جي اها هڪ وڏي تقرير هئي جنهن کي اللّٰه پاڪ سيپاري: 24، سوره مؤمِن ۾ ذِڪر فرمايو آهي. (تفصیل کے لئے دیکھئے: پارہ:24، سورۂ مؤمن، آیت: 26 تا 45) ان جي اها سڄي تقرير ٻُڌي بہ فِرعَون کي، ان جي وزيرن، مشيرن کي عقل نہ آيو، آخِر ۾ ان پنهنجي ڳالھ خَتم ڪندي فرمايو:

فَسَتَذْكُرُوْنَ مَاۤ اَقُوْلُ لَكُمْؕ ( سيپاري:24، سوره مؤمن:44)

ترجمو ڪنزالايمان: پوءِ اڄهو اهو وقت اچڻ وارو آهي جيڪي مان اوهان کي چئي رهيو آهيان ان کي ياد ڪندؤ

يعني اي فرعون! اي فرعون جا ساٿيو! اڄ توهان کي منهنجي ڳالھ سمجھ نہ پئي اچي پر عنقريب جڏهن اللّٰه پاڪ جو عذاب ايندو ۽ توهان کي پنهنجي وڪڙ ۾ وڪوڙي ڇڏيندو، تڏهن توهان منهنجي ڳالهين کي ياد ڪندؤ. ان تي فرعون ۽ ان جي وزيرن، مشيرن ان غيرت مند مؤمن حضرت جِزئِيل رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْه کي ڌمڪي ڏيندي چيو: تو اسان جي دين جي مخالفت ڪئي تہ اسان توسان بُرو سلوڪ ڪنداسين. (صراط الجنان، پارہ:24، سورۂ مؤمن، زیرِآیت:44، جلد:8، صفحہ:568)

ان تي حضرت جِزئِيل رَحْمَۃُاللّٰہِعَلَیْه پنهنجي پختہ ايمان جو مُظاهرو ڪندي چيو:

وَ اُفَوِّضُ اَمْرِیْۤ اِلَى اللّٰهِؕ اِنَّ اللّٰهَ بَصِیْرٌۢ بِالْعِبَادِ۝۴۴

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ مان پنهنجو ڪم اللّٰه جي حوالي ڪريان ٿو بيشڪ اللّٰه ٻانهن کي ڏسي ٿو.

رکھتے ہیں جو اللہ کی قُدرت پہ بھروسہ دُنیا میں کسی کی وہ خوشامد نہیں کرتے

**حضرت جِزئِيل** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **پنهنجو معاملو الله پاڪ جي حوالي ڪيو تہ الله پاڪ فِرعون کان سندن حِفَاظت فرمائي. ارشاد آهي:**

**فَوَقٰىهُ اللّٰهُ سَيِّاٰتِ مَا مَكَرُوْا وَحَاقَ بِاٰلِ فِرْعَوْنَ سُوْٓءُ الْعَذَابِ ۝۴۵**

( سيپاري:24، سوره مؤمن، آيت:45)

**ترجمو ڪنزالايمان: پوءِ الله ان کي بچائي ورتو انهن جي سازشن جي برائي کان ۽ فرعون وارن کي بري عذاب اچي گھيريو.**

**مُفَسِّر سڳورا فرمائن ٿا: فِرعَون ڪي، ان جي قوم کي ايمان جي دعوت ڏيڻ کان بعد حضرت جِزئِيل** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **فرعون جي دربار مان نڪري ويو ۽ هڪ جبل تي وڃي الله پاڪ جي عِبَادت ۾ مَصرُوف ٿي ويو، فِرعَون ان جي پويان سپاهي موڪليا تہ وڃو! ان کي پڪڙي وٺي اچو. جڏهن سپاهي ان جبل تي پهتا تہ ڏٺائون تہ حضرت جزئيل** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **عِبَادت ۾ مَصرُوف آهي ۽ جنگلي جانور** (مثلاً شينهن، چيتو وغيره) **سندن آسپاس پهرو ڏئي رهيا آهن، اهو منظر ڏسي فرعوني سپاهين جا وار ڪاندارجي ويا ۽ اهي ڊڄي واپس ڀڄي ويا.**[1]

جسے تُو پکڑ لے اس کو چھڑا سکتا نہیں کوئی اسے پھر کون پکڑے جس کو مولیٰ تُو رِہا کردے

**ان کان بعد فِرعون ۽ ان جي قوم تي عذاب آيو ۽ انهن کي دريا ۾ غرق ڪيو ويو.**

مَشِیَّت کس کے بَس میں، قضا سے کون لڑتا ہے یہاں جو سَر اُٹھاتا ہے، اسے جھکنا ہی پڑتا ہے

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

**پيارا اسلامي ڀائرو! قرآنِ ڪريم ۾ بيان ٿيندڙ ان ايمان افروز حڪايت ۾**

[1]…تفسير جيلانی، پاره:24، سورۂ مؤمن، زيرِ آيت:44، جلد:4، صفحہ:322۔

عِلم و حڪمت جا ڪوڙ سارا مدني گل آهن، هڪ اَهم مدني گل اسان کي جيڪو سکڻ لاءِ مليو اهو آهي: حضرت جِزئِيل رَحْمَۃُاللّٰہِ عَلَیْہ جو اهو فرمان:

وَاُفَوِّضُ اَمۡرِیۡۤ اِلَی اللّٰهِ ؕ ترجمو ڪنزالايمان: ۽ مان پنهنجو ڪم الله جي حوالي ڪريان ٿو

تَفوِيض: يعني پنهنجا مُعَاملا الله پاڪ جي حوالي ڪرڻ، ڪيڏو ئي وڏو امتحان اچي، ڪهڙي ئي مشڪل اچي، مؤمن ٻانهي جو بَس هڪ ئي ذِهن هجي: مان پنهنجا معاملا الله پاڪ جي حوالي ڪيان ٿو. ڏسو! حضرت جِزئِيل رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ پنهنجو معاملو الله پاڪ جي سپرد ڪيو تہ الله پاڪ پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي فرعون کان حفاظت فرمائي ۽ جنگلي جانور جيڪي انسان جا دُشمن هوندا آهن، الله پاڪ انهن ئي کي سندن محافِظ بڻائي بيهاري ڇڏيو.

## راحت ۽ سڪون ماڻڻ جو هڪ نسخو

حُجَّة الاِسلام، امام محمدبن محمد غزالي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جا پير صاحِب فرمائن ٿا:

دَعِ التَّدْبِیۡرَ اِلٰی مَنۡ خَلَقَکَ تَسۡتَرِحۡ يعني پنهنجي تَدبِير پنهنجي خالِق جي حوالي ڪري ڇڏيو، سڪون ۽ راحت ۾ رهندؤ. (منهاج العابدين (مترجم)، صفحہ:300)

## انسان پنهنجي تدبير ۾ ناقِص آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اها ڳالھ هميشہ ياد رکڻ گهرجي تہ اِنسان پنهنجي تدبير ۾ ناقِص آهي. اسان وٽ ڪمال جو عقل هجي، هزار سائنسي آلات هجن، اسان توڙي گهڻي ترقي ڪري وڃون، پوءِ بہ اسان جي تدبير ناقِص آهي، اَصل قُدرت، اَصل طاقت، اَصل تدبير الله پاڪ جي آهي، الله پاڪ جيڪا تدبير فرمائي ٿو اها ڪامِل ۽ اڪمل هوندي آهي.

❖ سُلطَانُ المُفَسّرِين حضرت عبد الله بِن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ هڪ ڏينهن تشريف فرما هئا، ماڻهو سندن جي بارگاهہ ۾ حاضِر هئا، حضرت عبد الله رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ ماڻهن کي دين جون ڳالهيون سيکاري رهيا هئا، جڻ هڪ درس وارو ماحَول هو،

**حضرت عبد الله بن عباس** رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ **حضرت سليمان** عَلَیْہِ السَّلَام **جي هُد هُد جي باري ۾ ٻڌايو تہ هدهد زمين جي هيٺ وهندڙ پاڻي کي ڏسي وٺندو آهي ۽ پاڻي جي گهرائي جو بہ اندازو لڳائي وٺندو آهي.**

**اهو ٻُڌي هڪ شخص سُوال ڪيو: عالي جاهـ! اهو ڪيئن ٿو ٿئي سگهي؟ اسان جا ٻار ڄار وڇائن ٿا، ان تي ٿورڙي مٽي وجهي مٿان اَن جا داڻا ڇٽين ٿا، هد هد داڻو چڳڻ لاءِ ايندو آهي، اسان جا ٻار ان کي ان ڄار ۾ ڦاسائي پڪڙي وٺندا آهن. جڏهن هدهد ٿورڙي مٽي جي هيٺ وڇايل ڄار نٿو ڏسي سگهي تہ زمين جي هيٺ ڪيئي فِٽ گهرائي ۾ وهندڙ پاڻي ڪيئن ٿو ڏسي سگهي؟**

**حضرت عبد الله بن عباس** رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ **ان سُوال جو تمام ايمان افروز جواب ڏيندي فرمايو:** اِذَا نَزَلَ الْقَضَاءُ وَ الْقَدْرُ ذَهَبَ اللُّبُّ وَ عَمِیَ الْبَصَرُ **يعني جڏهن تقدير غالب ايندي آهي تہ عقل ڪم ناهي ڪندو، اکيون انڌيون ٿي وينديون آهن.**[(1)]

**اهو ئي انسان جو حال آهي، الله پاڪ جي تدبير هميشہ غالِب ٿيندي آهي، انسان جون تدبيرون اَڌوريون رهجي وينديون آهن. ❖ مولانا رُوم** رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ **مَثنَوِي شريف ۾ هڪ عبرتناڪ حڪايت لکي آهي، فرمائن ٿا: هڪ پيري هڪ فلسفي ڪتان لنگهي رهيو هو، ان جي ڪنن ۾ تِلاوتِ قرآن جو آواز آيو، ڪو شخص سوره مُلڪ جي تِلاوت ڪري رهيو هو، ان جڏهن سوره مُلڪ جي آخري آيت تِلاوت ڪئي، جنهن ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:**

قُلْ اَرَءَیْتُمْ اِنْ اَصْبَحَ مَآؤُكُمْ غَوْرًا فَمَنْ یَّاْتِیْكُمْ بِمَآءٍ مَّعِیْنٍ۠(۳۰)

(سيپاري29،سورۃالملک:30)

**ترجمو ڪنزالايمان: اوهان فرمايو ڀلا ڏسو تہ جيڪڏهن صبح جو توهان جو پاڻي زمين ۾ صفا هيٺ لهي وڃي تہ پوءِ اهو ڪير آهي جيڪو توهان کي پاڻي آڻي ڏيندو نگاهہ جي سامهون وهندڙ.**

---

[1]...تفسير بغوی، پاره:9، سورۂ نمل، زيرِ آيت:20، جلد:3، صفحہ:392۔

اها آيت سڳوري ٻڌي ان فلسفي تَڪبُّر ۽ غرور وچان چيو: اها ڪهڙي مشڪل ڳالهہ آهي، جيڪڏهن الله پاڪ پاڻي کي زمين ۾ هيٺ موڪلي تہ اسان سائنس جي ذريعي مختلف آلات جي مدد سان پاڻي کي ٻيهر ڪڍي وٺنداسين. فلسفي اها ڳالهہ ڪئي ۽ پنهنجي راهہ وٺي هليو ويو، رات جو جڏهن هُو سُتو تہ خواب ۾ ڏٺائين تہ هڪ تمام طاقتور شخص آيو، ان شخص ان فلسفي جي منهن تي زَور دار چماٽ هنئي، جنهن سان ان جون ٻئي اکيون نڪري ويون ۽ ڳڙوڳڙ اکين ۾ جيڪو نور جو هڪ هڪ قطرو پاڻي هو اهو زمين تي ڪِري سڪي ويو.

خواب ۾ ايندڙ شخص ان کي چيو: اي بدنصيب! جيڪڏهن تون واقعي ڪوڏر، پاهوڙي ۽ ٻين سائنسي آلات جي ذريعي، الله پاڪ جي مدد جي بغير پاڻي کي زمين مان ڪڍي سگهين ٿو تہ تون پنهنجي اکين مان نڪرڻ وارن انهن ٻن قطرن کي زمين مان ڪڍي ڏيکار...؟

صبح جو جڏهن فلسفي صاحب بيدار ٿيو تہ اکيون نڪتل هيون، ڪجهہ نظر نہ اچي رهيو هو، غرور و تڪبر جو سڄو نشو بہ لهي چڪو هو ۽ الله، الله پڪاري رهيو هو.

کسی کو تاجِ وقار بخشے، کسی کو ذِلّت کے غار بخشے
جو سب کے ماتھے پہ مہرِ قُدرت لگا رہا ہے، وہی خُدا ہے

❖ ٽائي ٽينڪ دُنيا جو گهڻو مضبوط ساموندي جهاز هو، ان کي سمنڊ جو بادشاهہ چيو ويو هو، انجينئرز ٽائي ٽينڪ بنائڻ ۾ پنهنجي پُوري طاقت ۽ مهارت لڳائي، ان کي ناهڻ ۾ ساڍا ست ملين ڊالر خرچ ٿيا ۽ تقريبًا 4 سالن ۾ تيار ٿيو، ٽائي ٽينڪ جي باري ۾ اها دعويٰ ڪئي وئي هئي تہ اهو جهاز ڪڏهن نہ ٻڏندو، بلڪ چيو وڃي ٿو تہ ان جي مالِڪ چيو هو: ٽائي ٽينڪ کي طوفانِ نُوح بہ نٿو ٻوڙي سگهي، پر بدقسمتي ڏسو اهو ساموندي جهاز صِرف 4

يا 5 ڏينهن سمنڊ ۾ گذاري سگهيو، پنهنجي پهرين ئي سَفَر ۾ تائي ٽينڪ هڪ برفاني ڇپ سان ٽڪرائجي ٻڏي فنا ٿي ويو.

اهو آهي انسان جي تدبير جو حال...! معلوم ٿيو اِنسان چاهي جيتري به ترقي ڪري وٺي، جيترو به عقل مند ٿي وڃي، جيترو به طاقتور ٿي وڃي، بهرحال انسان پنهنجي تدبير ۾ ناقِص آهي، ۽ اها ئي حقيقت آهي، ان کي ڪڏهن رد نٿو ڪري سگهي.

کسی کو سوچوں نے کب سراہا، وہی ہوا جو خُدا نے چاہا

جو اختیارِ بَشَر پہ پہرے بٹھا رہا ہے، وہی خُدا ہے

## نتيجن جو مالِڪ اللّٰه پاڪ آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي هن ڳالهه تي به غور فرمايو ته اسان هن دُنيا ۾ صِرف ڪم جو اختيار رکون ٿا، نتيجن جو اِختيار اسان وٽ نه آهي، نتيجن جو مالِڪ اللّٰه پاڪ آهي، اسان هن دُنيا ۾ خواب سجايون ٿا، اسان منصوبا جوڙيون ٿا، اسان محنت ڪيون ٿا، اسان ڪم ڪيون ٿا، پنهنجي طرفان گهڻو اعتماد هوندو آهي ته مان پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي ئي ويندس، پر ٿئي اهو ئي ٿو جيڪو رب کي منظور آهي، نتيجو اهو ئي نڪري ٿو جيڪو اللّٰه پاڪ چاهي ٿو. اللّٰه پاڪ فرمائي ٿو:

مٰلِكِ يَوْمِ الدِّيْنِ ؕ﴿۳﴾ ترجموڪنزالايمان: جزا جي ڏينهن جو مالڪ آهي.

مُفَسر سڳورا فرمائن ٿا: هن آيت ۾ يومِ الدِّين مان قيامت جو ڏينهن مراد آهي، جنهن ڏينهن هر هڪ کي ان جي عمل جي مطابق سزا يا جزاء ڏني ويندي پر اسان غور ڪريون ته هن دُنيا ۾ مُڪافَاتِ عَمَل (يعني جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي وارو معاملو) جاري آهي، اسان جيڪو ڪيون ٿا، ان جو نتيجو نڪري ٿو، چڱائي

ڪيون تہ نتيجو چڱو نڪري ٿو، بُرائي ڪيون تہ نتيجو بُرو نڪري ٿو ۽ ان نتيجي جا مالڪ اسان نہ آهيون بلڪ هن نتيجن جو مالڪ اللّٰہ پاڪ آهي.

## ٽن ڪنجوس ڀائرن جي عبرتناڪ حڪايت

يَمَن جو هڪ شهر آهي: صَنعَاء. ان شهر جي ويجهو هڪ خوبصُورت باغ هو، اهو باغ گهڻو سرسبزشاداب ۽ ميويدار هو، قرآنِ ڪريم ۾ هن باغ جي حڪايت بيان ٿي آهي. سيپاري: 29، سوره قَلَم، آيت:17 کان 33 تائين هن حڪايت جو بيان آهي. عالم سڳورا هنن آيتن جي تفسير ۾ فرمائن ٿا: يمن جي شهر صنعاء جو رهاڪو هڪ شخص وڏو نيڪ ۽ سخي هو، ان وٽ هڪ خوبصُورت باغ هو، ان شخص جي عادت هئي تہ ان جي باغ جا جيترا ميوا ازخود زمين تي ڪري پوندا هئا، تہ هُو فقيرن کي ڇوندو هو اهي تمام ميوا توهان جا آهن، توهان کڻي وڃو. پوءِ جڏهن باغ مان ميوا پٽيا ويندا هئا تہ وڻن جي هيٺان ڪپڙو وڇايو ويندو هو جيڪو ميوو ڪپڙن تي ڪرندو هو، اهو بہ فقيرن کي ڏئي ڇڏيندو هو، پوءِ جيڪو خالص ان جو پنهنجو حصو هوندو هو، ان مان بہ ڏهون حصو فقيرن کي ڏيندو هو. ان شخص جا 3 پٽ هئا ۽ ٽئي ڪنجوس هئا. جڏهن ان شخص جو انتقال ٿيو تہ باغ انهن ٽنهي پٽن جي قبضي ۾ آيو، هاڻي انهن سوچيو: اسان جو والِد اڪيلو هو، هو ايتري سخاوت ڪري ونندو هو، فقيرن کي ايترو مال ڏيڻ جي باوجود بہ اُنهن جي لاءِ ڪافي ڪجھ بچي ويندو هو پر هاڻي اسان ٽي آهيون پوءِ اسان جو اَولاد بہ آهي، جيڪڏهن اسان بہ والد جيان سخاوت ڪنداسين تہ اسان جي لاءِ ميوو نہ بچندو، ان ڪري بهتري ان ۾ آهي تہ اسان ايتري وڏيڪ سخاوت نہ ڪيون. هڪ رات جڏهن باغ جا ميوا پچي تيار ٿي چڪا هئا، اڳئين ڏينهن ميوا پٽڻا هئا، اهي ٽئي ڀائر ويهي منصوبا ڪري رهيا هئا، انهن پاڻ ۾ قسم کنيا تہ صبح ساجهر، ماڻهن جي اٿڻ کان پهريان ئي باغ ۾ وڃي ميوا پٽي ونداسين تہ جيئن مسڪينن کي خبر نہ پئي.

انهن ٽنهن راتو رات اهو منصوبو ناهيو، وڏا پُرجوش هئا تہ سياڻي اسان ميوا ٽوڙيندا سين پر انهن هڪ غلطي ڪئي. پهريان تہ هُو ڪم ٺي غلط ڪري رهيا هئا، سخاوت ڪان لنوائي رهيا هئا، ڪنجوسي جو مُظاهرو ڪري رهيا هئا ۽ ڪنجوسي جو نتيجو ذِلّت ئي نڪرندو آهي، ان سان گڏوگڏ انهن هڪ ٻي غلطي بہ ڪئي، انهن پاڻ تي ڀروسو ڪيو، اللّٰه فرمائي ٿو:

وَلَا يَسْتَثْنُوْنَ ﴿۱۸﴾ ( سيپاري:29، القلم:18) ترجمو ڪنزالايمان: ۽ ان شاءاللّٰہ نہ چيائون

يعني هُو پنهنجا منصوبا وني ايترا پُرجوش ۽ بااعتماد هئا جو انهن اِن شَآءَاللّٰہ بہ نہ چيو، پاڻ تي اعتماد ڪيو، پنهنجي عقل تي، پنهنجي تدبير تي، پنهنجي منصوبن تي ڀروسو ڪيو، صبح جو اهي جلدي جلدي بيدار ٿي اونداهي ئي ۾ باغ ڏانهن هليا ويا، رستي ۾ هڪ ٻي کي چوندا ويا: اڄ هرگز ڪو مسڪين، فقير اسان جي باغ ۾ داخل نہ ٿئي. پر افسوس! جڏهن هو باغ وٽ پهتا تہ ڏٺائون باغ سڙي چڪو آهي، هڪ لمحي جي لاءِ تہ هو بہ حيران ٿي ويا، انهن سمجهيو: شايد اونداهي سبب اسان رستو ڀلجي ويا آهيون، ڪنهن ٻي باغ ۾ اچي ويا آهيون، اهو اسان جو باغ نہ آهي پر جڏهن غور سان ڏٺائون تہ اهو انهن جو ئي باغ هو.[1]

کسی کو سوچوں نے کب سراہا، وہی ہوا جو خُدا نے چاہا
جو اختیارِ بَشَر پہ پہرے بٹھا رہا ہے، وہی خُدا ہے

اها آهي انسان جي تدبير، اهي آهن انسان جون منصوبہ بنديون، ٿيندو اهو ئي آهي جيڪو رب کي منظور هوندو آهي. اي عاشقانِ رسول! جڏهن معاملو هيئن آهي، اسان جون تدبيرون بہ ناقص، اسان جو عقل بہ ناقِص، اسان جا منصوبا بہ ناقِص، اسان جيڪي وٽي منصوبا ناهيون، تقدير غالب اچڻي آهي تہ اها غالب

[1]...تفسير صراط الجنان، پاره:29، سورۂ القلم، زيرِ آيت:17 تا 32، جلد:10 صفحہ:293 تا296 ماخوذاً۔

اچي ئي ويندي آهي، سيئي تدبيرون ناڪام ٿي وينديون آهن، منصوبا ناڪام ٿي ويندا آهن، عقل ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏيندو آهي. هاڻي ٻڌايو! اسان وٽ ڇا وڃي بچي ٿو؟ اسان پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيڻ جي لاءِ ڇا ڪري سگهون ٿا؟ اسان زِندگي ۾ ڪجھ ڪرڻ جا خواب سجايا آهن، اسان منصوبا ٺاهيا آهن، اسان ڪاميابي چاهيون ٿا، اسان ترقي چاهيون ٿا تہ اسان ڇا ڪيون؟ پنهنجي مقصد ۾ پُورو لهڻ جو طريقو ڪهڙو آهي؟ هن سُوال جو صِرف هڪ جواب آهي، اسان وٽ ڪاميابين جو صِرف هڪ طريقو آهي ۽ اهو آهي:

وَ اُفَوِّضُ اَمْرِیْۤ اِلَى اللّٰهِؕ — ترجمو ڪنزالايمان: ۽ مان پنهنجو ڪم الله جي حوالي ڪريان ٿو

اسان الله پاڪ تي ڀروسو ڪريون، پنهنجا معاملا الله پاڪ جي حوالي ڪيون، ڪاميابي جو اهو هڪ رستو آهي ۽ ڪهڙي ايمان افروز ڳالھ آهي، اسان جو پيارو الله پاڪ گهڻو مهربان، نهايت رحم وارو آهي، الله پاڪ پنهنجي ٻانهن سان محبت فرمائي ٿو، الله پاڪ ڪنهن تي ذرّو برابر بہ ظُلم نٿو فرمائي، الله پاڪ محنت ڪرڻ وارن جي محنت ڪي ضايع ناهي ڪندو. ارشاد آهي:

اِنَّا لَا نُضِیْعُ اَجْرَ مَنْ اَحْسَنَ عَمَلًاۚ(۳۰) — ترجمو ڪنزالايمان: اسان ضايع نہ ڪنداسين انهن جو اجر جن چڱا ڪم ڪيا.

( سيپاري:15، سوره ڪهف، آيت:30)

اسان منصوبا ٺايون، اسان تدبيرون ڪيون پوءِ ڪاميابي جي لاءِ جيتري محنت ضروري آهي، ايتري محنت بہ ڪيون پر نتيجو الله پاڪ جي حوالي ڪيون، اِن شَآءَ الله الڪرِيم چئون، دِل ۾ اهو پختو يقين رکون تہ مان محنت ڪري رهيو آهيان، هن محنت جو نتيجو الله پاڪ جي حوالي آهي. الله پاڪ چاهيو تہ ڪاميابي اسان جا قدم چمندي.

## اِن شآءَالله چوڻ بابت قرآني حڪم

سيپاري:15، سوره ڪهف، آيت:23 ۽ 24 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمايو آهي:

وَلَا تَقُوْلَنَّ لِشَایْءٍ اِنِّیْ فَاعِلٌ ذٰلِكَ غَدًا ۝۲۳ اِلَّاۤ اَنْ یَّشَآءَ اللّٰهُ

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ ڪنهن به ڳالهه جي لاءِ هرگز نه چئو ته مان سڀاڻي هيءَ ڪندس. مگر هيءُ ته الله گهري.

اِن شَآءَ الله جي معنيٰ آهي: جيڪڏهن الله پاڪ چاهيو. اسان جڏهن به ڪو ارادو ڪيون مثال طور مان 5 منٽ بعد اهو ڪم ڪندس، 10 منٽ بعد ڪندس، شام جو ڪندس، سڀاڻي ڪندس، سال ڪان بعد ڪندس، ٻن سالن ڪان بعد ڪندس، هن ارادي سان اسان اِن شَآءَ الله به لازمي چئون ۽ جيڪڏهن بالفرض اِن شَآءَ الله چوڻ وسري ويو ته ڇا ڪرڻو آهي؟ الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَاذْكُرْ رَّبَّكَ اِذَا نَسِیْتَ

( سيپاري:15، سوره ڪهف، آيت:24)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ پنهنجي رب کي ياد ڪر جڏهن تون وساري ويهين.

يعني جيڪڏهن اِن شَآءَ الله چوڻ وسري وڃو ته جڏهن ياد اچي ان وقت چئي ونو، حضرت عبد الله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا: جيڪڏهن سال ڪان بعد به ياد اچي ته هڪ سال پهريان مون فُلاڻو ارادو ڪيو هو، ان تي اِن شَآءَ الله نه چيو هو ته سال ڪان بعد ياد اچڻ تي چئي ڇڏيو.[1] مطلب جڏهن ياد اچي انهيءَ وقت اِن شَآءَ الله چئي ڇڏجي.

## اِن شَآءَالله چوڻ سُنَّتِ انبياء آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اِن شَآءَ الله چوڻ سُنَّتِ انبياء آهي، الله پاڪ جا پيارا انبياءِ ڪرام عَلَیھِمُ السَّلَام اِن شَآءَ الله چوندا هئا، قرآنِ ڪريم ۾ به ڪيئي هنڌن تي هن جو تذڪرو آهي، مثال طور ❖ سيپاري:12، سوره هود، آيت:33 ۾ حضرت نُوح عَلَیْہِ السَّلَام جي اِن شَآءَ الله چوڻ جو ذِڪر آهي ❖ سيپاري:13، سوره يوسُف، آيت:99 ۾ حضرت يعقوب عَلَیْہِ السَّلَام جي اِن شَآءَ الله چوڻ جو ذڪر آهي ❖ سيپاري:15، سوره ڪهف، آيت:69 ۾ حضرت موسيٰ عَلَیْہِ السَّلَام جي اِن شَآءَ الله چوڻ جو ذِڪر آهي ❖

---

[1]…تفسير صراط الجنان، پاره:15، سورۂ کہف، زيرِ آيت:24، جلد:5، صفحہ:556۔

سيپاري:23، سوره صافات، آيت:102 ۾ **حضرت اسماعيل** عَلَيْهِ السَّلَام **جي اِن شَآءَ الله** چوڻ جو ذِڪر آهي اهڙي طرح ٻيا انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام به ان شاء الله چوندا هئا ❖ الحمد لله! اِن شَآءَ الله چوڻ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي به سُنَّت آهي ❖ رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ آئنده ڪنهن ڳالهه جو ارادو ڪندا هئا ته اڪثر اِن شَآءَ الله چوندا هئا ❖ هڪ ڀيري پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ شفاعت جو ذِڪر ڪندي فرمايائون: منهنجو هر اُمَّتي جيڪو شرڪ نه ڪري، اِن شَآءَ الله منهنجي شفاعت ان کي ملندي.[1]

## اِن شآَءَاللّٰه چوڻ جون ڪجهه برڪتون

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي به گهرجي ته هن سُنَّت مصطفيٰ تي عمل ڪريون ۽ اِن شَآءَ الله چوڻ جي عادت بڻايون. اِن شَآءَ الله چوڻ جون ڪوڙ برڪتون آهن ❖ اِن شَآءَ الله چوڻ ۾ عقيدي جي اِصلاح آهي، ❖ اِن شَآءَ الله چوڻ ۾ عَمَل جي اِصلاح آهي ❖ اِن شَآءَ الله چوڻ وارو اهو اقرار ڪندو آهي ته مان ٻانهو آهيان ۽ ٻانهو پنهنجي مالِڪ جي مرضِي جي تابع هوندو آهي ❖ اِن شَآءَ الله چوڻ وارو هن ڳالهه جو اقرار ڪري ٿو ته مان ڪجهه به نه آهيان، منهنجي مرضِي ڪجهه ناهي، جيڪو ڪجهه آهي صِرف منهنجو مالِڪ آهي، منهنجي پياري اللّٰه پاڪ جي مرضِي جي بغير پَتو به نٿو چُري سگهي ❖ اِن شَآءَ الله چوڻ وارو تَوحِيد جي تقاضائن تي عَمَل ڪري ٿو ❖ اِن شَآءَ الله چوڻ ۾ خود پسندي جي ڪاٽ آهي ❖ اِن شَآءَ الله چوڻ ۾ غرور ۽ تَڪبُّر جي ڪاٽ آهي ❖ اِن شَآءَ الله چوڻ وارو پنهنجي مرضي کي الله پاڪ جي مرضِي جي حوالي ڪري ڇڏيندو آهي ۽ جيڪو ٻانهو پنهنجي مرضِي فَنا ڪري، پاڻ کي اللّٰه پاڪ جي مرضِي جي حوالي ڪري، ڪاميابي ان ٻانهي جا قدم چُمندي آهي.

## جڏهن ياجُوج ماجُوج اِن شآَءَاللّٰه چوندا...

ياجوج ماجوج جي حوالي سان وڏي مشهور روايت آهي، ياجوج ماجوج

---

[1]...ڪتابُ الزُہد لِاِبْنِ مبارک، صفحہ:312، حديث:1068 ۔

انسانن جو هڪ قبيلو آهي، اهي سخت خونخوار، ظالِم ۽ گهڻا طاقتور آهن، سورهين سيپاري جي ٻي رڪوع ۾ انهن جو واقعو بيان ڪيو ويو آهي، اهي ماڻهن تي ظلم ڪندا هئا، حضرت سڪندر ذو القرنين رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه انهن کي هڪ مضبوط ديوار جي پويان قيد ڪري ڇڏيو هو، ان ديوار کي "سَدِّ سڪندري" چيو ويندو آهي، ترمذي شريف جي حديثِ پاڪ جو خلاصو آهي: ياجُوج ماجوج روزانو ان ديوار کي کوٽيندا هئا، ايستائين جو جڏهن ديوار ٽٽڻ جي ويجهو ٿي ويندي آهي ته انهن جو سردار چوندو آهي: هاڻي واپس موٽو، باقي سڀاڻي کوٽينداسين. جڏهن اهي هليا ويندا آهن ته الله پاڪ ان ديوار کي پهريان کان بهتر ڪري ڇڏيندو آهي، قُربِ قيامت جڏهن ياجُوج ماجوج جي قيد جي مُدَّت پُوري ٿي ويندي ۽ الله پاڪ انهن کي ماڻهن ڏانهن موڪلڻ چاهيندو، ان ڏينهن ان جو سردار چوندو: واپس موٽي وڃو! اِن شَآءَ الله! سڀاڻي ان کي ٽوڙينداسين، ٻي ڏينهن جڏهن هو واپس ايندا ته ديوار ائين ئي هوندي جيئن سڀاڻي کوٽي ويا ها، پوءِ ان ڏينهن ياجوج ماجوج ديوار کي ٽوڙي ٻاهر نڪري ايندا.[1]

## بني اسرائيل جو ڳئون وارو واقعو

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ بني اسرائيل جو واقعو ذِڪر فرمايو، بني اسرائيل جي ڳئون واري حڪايت، انهيءَ حڪايت جي مناسبت سان سوره بقره کي سوره بقره چيو ويندو آهي، يعني اها سورت جنهن ۾ بني اسرائيل جي ڳئون جي عجيب حڪايت ذِڪر ڪئي وئي آهي.

واقعو ائين ٿيو ته هڪ ڀيري بني اسرائيل کي هڪ لاش مليو، ان جي قاتِل جو عِلم نه هو، بني اسرائيل حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي خِدمت ۾ حاضِر ٿيا ۽ قاتِل تلاش ڪرڻ جي درخواست ڪئي، حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام الله پاڪ جي حڪم سان فرمايو: هڪ ڳئون ذبح ڪيو. هاڻي بني اسرائيل کي گهرجي ها ته

---

[1]...ترمذی، کتاب: تفسیر القرآن، باب: سورۃ الکہف، صفحہ:728، حدیث:3153۔

يڪدم ڪا ڳئون ونئي ذبح ڪن ها ۽ الله پاڪ جي حڪم تي عمل ڪن ها پر بني اسرائيل سوال ڪرڻ شروع ڪيا.

اها سخت عبرت جي ڳالهہ آهي، الله پاڪ جيڪو حڪم ارشاد فرمائن، الله پاڪ جا نبي جيڪو حڪم ڏين، ان تي يڪدم عمل ڪرڻ گهرجي، الله ۽ رسول جي اَحڪام تي سوال ڪرڻ، اعتراض ڪرڻ، تحقيق ۾ پوڻ اهو ٻانهي جو ڪم نہ آهي، ٻانهو تہ ٻانهو آهي، ان ڪي گهرجي حڪم تي عمل ڪري ۽ بَس... ڪنهن چا خوب چيو آهي:

عَاشِقَاں رَا چِہْ کار بَا تَحْقِیْق　　هَر کُجَا نَامِ اُوْسْتْ قُرْبَانَیْم

ترجمو: عاشقن ڪي تحقيق سان ڪهڙو ڪم؟ جتي محبوب جو نالو اچي ويندو آهي، بَس قربان ٿي ويندا آهن.

جڏهن الله پاڪ فرمائي ڇڏيو، الله پاڪ جي نبي عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو تہ هاڻي تحقيق ڪرڻ، سوال پڇڻ ٻانهي جو ڪم نہ آهي، خير! بني اسرائيل حڪم ٻُڌي سوال شروع ڪيا: ان ڳئون جي عمر ڪيتري هئڻ گهرجي؟ حڪم ٿيو: نہ پوڙهي نہ جوان، بلڪ وچين عمر جي هجي. بني اسرائيل وري پڇيائون: ڳئون جو رنگ ڪهڙو هجي؟ حڪم ٿيو: ڦڪي رنگ جي. پهريان جڏهن حڪم مليو هو، ڪا بہ ڳئون قربان ڪن ها تہ حڪم تي عمل ٿي وڃي پر انهن سوال ڪيا، جيئن جيئن هو سوال ڪندا ويا، شرط وڌيڪ ٿيندا ويا، هاڻي انهن پڇيو: ڳئون جو مُعَامَلو پُوري طرح واضح ناهي ٿيو، اي موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام! دُعا ڪيو تہ اسان جي لاءِ ڳئون جو مُعَامَلو پُوري طرح واضِح ڪيو وڃي.

وَاِنَّآ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ لَمُهْتَدُوْنَ۝ ترجموڪنزالايمان: ۽ الله گهريو تہ اسان سڌي واٽ لهي وينداسون.

( سيپاري:1، سوره بقره، آيت:70)

ٿين سُوال تي اچي انهن اِن شَآءَ الله چيو، تڏهن انهن جي لاءِ ڳئون جون پُوريون

پُوريون ۽ واضِح نشانيون بيان ڪيون ويون، حديثِ پاڪ ۾ آهي: جيڪڏهن اهي اِن شَآءَ الله نہ چَون ها تہ انهن جي لاءِ ڳئون جو مُعَاملو واضِح نہ ڪيو وڃي ها. خير! پوءِ بني اسرائيل شرطن جي مطابق ڳئون ڳولي، سڄي علائقي ۾ صِرف هڪ ئي اهڙي ڳئون ملي، ان کي بني اسرائيل مهانگي قيمت ۾ خريد ڪري ذبح ڪيائون، پوءِ ان ڳئون جي گوشت جو هڪ ٽڪر ان لاش جي جسم سان لڳايو تہ الله پاڪ جي قدرت سان مُردو زِندو ٿي ويو، ان پنهنجي قاتِل جو نالو ٻڌائي ٻيهر موت جي ننڊ سمهي پيو.[1]

اي عاشقانِ رسول! ڏٺو اوهان! اِن شَآءَ الله جون ڪيتريون برڪتون آهن. جيڪڏهن بني اِسرائيل اِن شَآءَ الله نہ چوَن ها تہ انهن جي لاءِ ڳئون وارو مُعَاملو ظاهر نہ ڪيو وڃي ها ۽ هُو پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهن ها. جڏهن انهن پنهنجي مرضِي کي فَنَا ڪيو، پنهنجي ارادي کي فَنَا ڪيو، پنهنجي مرضِي کي، پنهنجي ارادي کي الله پاڪ جي حوالي ڪيو تہ الله پاڪ انهن کي انهن جي مقصد ۾ ڪاميابي عطا ڪئي. مشهور مفسرِ قرآن، حڪيم الاُمَّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هر اُمّيد تي اِن شَآءَ الله چوڻ ضروري آهي نہ تہ اها اُمّيد پُوري نہ ٿيندي. اِن شَآءَ الله چوڻ ۾ عقيدي ۽ عمل جي اِصلاح آهي، هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اِن شَآءَ الله چوڻ وارو پنهنجي طاقت تي ڀروسو نٿو ڪري بلڪ رَبّ جي مدد تي ڀروسو ڪري ٿو.

ها! خيال رهي! صِرف جائِز ۽ بهتر ڳالهين تي اِن شَآءَ الله چوڻ گهرجي، حرام شين، بلائن ۽ آفتن تي اِن شَآءَ الله نہ چيو ويندو. مثال طور اهو چوڻ: اِن شَآءَ الله مان نماز پڙهندس، اِهو نہ چئو تہ اِن شَآءَ الله مان چوري ڪندس. هيئن چئو: اِن شَآءَ الله بيمار کي آرام پهچندو. اِهو نہ چئو: اِن شَآءَ الله بيماري پکڙجي چوتہ بيماري بَلا ۽ آفت آهي، اهڙو ڪو جملو ڳالهائڻو ئي پئي تہ لفظ "انديشو" استعمال ڪرڻ گهرجي، مثال طور هيئن چيو وڃي: مون کي انديشو آهي تہ وباء

[1]…تفسير صراط الجنان، پاره:1، سورهٔ بقره، زيرِ آيت:67 تا70، جلد:1، صفحہ:141-143 خلاصۃً۔

پڪڙجنديو. مون کي انديشو آهي ته طوفان ايندو وغيره. اهڙي جڳهه اِن شَآءَ الله چوڻ درست نه آهي.[1]

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## وَهم پرستي کان نجات جي راهه

پيارا اسلامي ڀائرو! اِن شَآءَ الله جون تمام گهڻيون برڪتون آهن، جيڪڏهن اسان اِن شَآءَ الله جو مفهوم دِل ۾ ويهاريون يعني دِل ۾ پَڪو يقين ڪري وٺون ته جيڪڏهن الله پاڪ چاهيو ته اهو ڪم ٿي ويندو نه ته نه ٿيندو، ان يقين سان جيڪڏهن هر ڪم ۾ اِن شَآءَ الله چوڻ جي عادت ٿي وڃي ته ان جي برڪت سان اسان وَهم پرستي، بدشگوني ۽ بي شُمار جاهلانه حرڪتن کان بچي ويندا سون. مثال طور تي هڪ شخص ڪنهن اَهم ڪم جي لاءِ گهر کان نڪتو ۽ اُن معنٰي کي ذهن ۾ رکي چيو: اِن شَآءَ الله مان فُلاڻو ڪم ضرور ڪري ايندس. هاڻي رستي ۾ ڪاري ٻلّي ان جي راهه ٽپي ته اهو موٽي گهر واپس نه ايندو، اهو ڀانهو ايئن نه سوچيندو ته ڪاري ٻلي منهنجو رستو ڪٽيو آهي ته هاڻي مان پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب نه ٿي سگهندس. ڇو؟ ان ڪري جو مان اهو پنهنجو ذِهن ٺاهي چڪو آهيان: اِن شَآءَ الله يعني جيڪڏهن اللّٰه پاڪ چاهيو ته مان اهو ڪم ڪندس، هاڻي ڪاري ٻلي راهه ڪٽي يا ڪارو ڪانءُ سامهون کان لنگهي وڃي، مطلب ڪجهه به ٿي وڃي جيڪڏهن اللّٰه پاڪ چاهي ته مان پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي ئي رهندس، دُنيا جي ڪا طاقت مون کي ناڪام نٿي ڪري سگهي ۽ جيڪڏهن اللّٰه پاڪ نه چاهي ته چاهي ڪيتري ئي ڪوشش ڪندس، دُنيا جي ڪا طاقت مون کي منهنجي مقصد ۾ ڪامياب نه ٿي ڪري سگهي.

معلوم ٿيو: جيڪڏهن اسان اِن شَآءَ الله چوڻ جي عادَت ٺاهيون ۽ اِن شَآءَ الله جي مفهوم تي پختو يقين ڪيون ته ان جي برڪت سان اسان بدشگوني کان بچي ويندا سين.

---

[1]...تفسير نعيمی، پاره:1، سورهٔ بقره، زيرِ آيت:70، جلد:1، صفحه:467، خلاصۃً۔

## صَفَر جو مهينو منحوس نہ آهي

هاڻي جيئن صَفَرُ المُظَفَّر آهي، ڪوڙ سارا وَهمي طبيعت جا ماڻهو صفر واري مهيني کي مصيبتن ۽ آفتن جي نازل ٿيڻ جو مهينو سمجهندا آهن ❖ خصوصي طور تي ان جون ابتدائي تيرهن تاريخون، تمام گهڻيون منحوس سمجهيون وينديون آهن. ❖ وهمي ماڻهن جو اهو خيال هوندو آهي تہ صفر جي مهيني ۾ نئون ڪاروبار نہ ڪرڻ گهرجي، نقصان جو خطرو آهي ❖ صفر ۾ سفر ڪرڻ کان بچڻ گهرجي ايڪسيڊنٽ جو انديشو آهي، ❖ هن مهيني ۾ شاديون نہ ڪريو، ڌيئرون نہ اتاريو، گهر برباد ٿيڻ جو امڪان آهي. ❖ اهڙا ماڻهو وڏو ڪاروباري لين دين ناهن ڪندا ❖ گهر جي ٻاهران اچ وڃ ۾ گهٽتائي ڪري ڇڏيندا آهن، اهي سڀ بدشگونيون آهن، وَهمي طبيعت آهي، توڪل جي ڪمي آهي. حديثِ پاڪ ۾ آهي: لَاصَفَرَ صَفَر ڪجھ نہ آهي.[1] يعني ماڻهن جو صَفَر جي مهيني کي منحوس سمجهڻ غلط آهي.

## بدشگوني عالمي بيماري آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! بدشگوني عالمي بيماري آهي ۽ حيراني جي ڳالھ تہ اها آهي تہ وڏا وڏا ترقي يافتہ چورائيندڙ ملڪ بہ هن بيماري جي وڪڙ ۾ آيل آهن، مختلف ملڪن ۾ ماڻهن عجيب عجيب وَهم پنهنجي دِل ۾ سانديي رکيا آهن، مثال طور ❖صبح صبح ڪنهن انڌي سان ملاقات ٿي وئي ❖ هڪ اک وارو ماڻهو سامهون اچي ويو ❖ڪو منڊو ملي ويو ❖ڪارو ڪانءُ يا ٻلّي سامهون کان لنگهي وئي ❖ڪم تي وڃڻ مهل راھ ۾ ڪو ٻُرو آواز ٻُڌو تہ بدشگوني ورتي ويندي آهي تہ هاڻي منهنجو ڪم نہ ٿي سگهندو ❖ ڏينهن مان بدشگوني ورتي ويندي آهي ❖ ايمبولينس جي آواز سان ❖ فائر بريگيڊ جي آواز سان بدشگوني ورتي ويندي آهي ❖ڪڏهن اخبارن ۾ شايع ٿيندڙ ستارن واري راند سان پنهنجي زندگي کي غمگين بڻايو ويندو آهي ❖ ڪي ماڻهو مهمان جي

---

[1]...بخاری، کتابُ الطِّب، بابُ الْجُذَام، حدیث:5707۔

موڪلائڻ کان بعد گھر ۾ ٻهارو ڏيڻ کي منحوس سمجھندا آهن ❖ ساڄي اک ڦڙڪي تہ يقين ڪيو ويندو آهي تہ ڪا مصيبت ايندي ❖ عيد جمعي جي ڏينهن اچي تہ ان کي حڪومت تي وزني سمجھيو ويندو آهي ❖ ٻلّي جي روئڻ جي آواز کي منحوس سمجھيو ويندو آهي ❖ ڪڪڙ ڏينهن جي وقت آذان ڏي تہ بدفالي ۾ مبتلا ٿي ويندا آهن ايستائين جو ان کي ذبح ڪيو ويندو آهي ❖ دُڪان تان پهريون گراهڪ سودو وٺڻ بغير موٽي ويو تہ دڪاندار ان مان بدشگوني وٺندو آهي ❖ نئين ڪنوار گھر اچڻ تي گھر ۾ ڪو بُرو واقعو ٿي تہ ان ڪنوار کي منحوس سمجھيو ويندو آهي ❖ جواني ۾ بيوه ٿي وڃڻ واري عورت کي منحوس سمجھيو ويندو آهي ❖ خالي قينچي هلائڻ کي منحوس سمجھيو ويندو آهي ❖ سج گرهڻ مهل حاملہ عورت ڇري سان ڪا شيء نہ ڪٽي نہ تہ ٻار پيدا ٿيندو تہ ان جو هٿ يا پير ڪٽيل هوندو ❖ وڏن وڏن ترقي يافتہ ملڪن ۾ نمبرن مان بدشگوني ورتي ويندي آهي، ڪيئي نمبرن کي منحوس سمجھيو ويندو آهي، مثال طور ❖ نمبر "13" کي منحوس سمجھيو ويندو آهي، ان ڪري بلڊنگ جي اندر تيرهون فلور ناهي هوندو، بلڪ 12 کان بعد ڊائريڪٽ 14 نمبر منزل ايندي آهي، اسپتالن ۾ 13 نمبر وارو بستر يا ڪمرو ناهن رکندا، ڪيئي هوائي جهازن ۾ 13 نمبر سيٽ بہ نٿا رکن.

❖ اهڙي طرح گرهڻ جي باري ۾ ڪوڙ ساريون وَهمي ڳالهيون مشهور آهن: مثال طور: ڪوڙ علائقن جي ماڻهن جو اهو تَصَوُّر آهي تہ گرهڻ ان وقت لڳي ٿو جڏهن سج کي بلائون ۽ خوفناڪ جانور ڳهي ويندا آهن، هڪ ويب سائٽ تان ورتل معلومات مطابق جڏهن بہ چنڊ کي گرهڻ لڳندو آهي تہ اڳوڻا چيني ماڻهو گڏ ٿي تمام ڏاڍو شور ڪندا هئا، انهن جو عقيدو هي هوندو هو تہ چنڊ کي هڪ وڏو نانگ کائي رهيو آهي، اسان جو اهو شور چنڊ کي بچائڻ جي ڪوشش آهي.

اهڙي طرح ٻيون ڪوڙ ساريون بدشگونيون ورتيون وينديون آهن، هاڻي ٿورو اَندازو ڪيو، انسان هوائي جهاز تي ويهي هوا ۾ سَفَر ڪري رهيو آهي، ايتري ترقي ڪري ورتي پر دماغ ڏسو! 13 نمبر کي منحوس سمجھي رهيو

آهي. ٿورو غور ڪيو! اهي ئي ترقي يافتہ تهذيبون آهن جيڪي دِينِ اسلام کي دَقيانوسي (يعني گهٽو پُراڻو) مذهب چئي اسلام جو مذاق اُڏائن ٿيون ۽ پاڻ انهن جو حال ڏسي وٺو! پاڻ ڪنهن دَور ۾ زِندگي گذاري رهيا آهن، اڄ ڪان هزارين سال پهريان جا ماڻهو ۽ اهي بہ ڪافِر بدشگونيون وٺندا هئا، مثال طور فِرعَون ۽ ان جي قوم تي جڏهن ڪو بُرو وَقت ايندو هو، الله پاڪ جي طرفان عذاب ايندو هو تہ اهي چوندا هئا:

وَ اِنْ تُصِبْهُمْ سَیِّئَةٌ یَّطَّیَّرُوْا بِمُوْسٰى وَ مَنْ مَّعَهٗ ( سيپاري:9، سوره اعراف، آيت:131)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ جيڪڏهن انهن کي تڪليف پهچي تہ موسيٰ ۽ ان جي ساٿين سان بدفال وٺن ٿا.

اها آهي اَصل دقيانوسِيت، نمرود، فِرعون ۽ هامان وغيره واري ذِهنيت...! اسلام الحمد للہ! پاڪيزه دِين آهي، اسلام اسان کي وَهم پرستي کان نجات ڏي ٿو، اها اسلام ئي جي تعليم آهي: جو هن دُنيا ۾ حقيقي مُؤَثِّر صِرف الله پاڪ جي ذات آهي، الله پاڪ چاهي تہ جبل بہ ننڍڙو ذرو بڻجي وڃي ۽ الله پاڪ نہ چاهي تہ ذَرو بہ پنهنجي جڳهہ کان نہ چُري سگهندو، اسلام اسان جي فِڪر کي روشن ڪري ٿو، اسلام اسان جي دِل کي روشني ڏي ٿو، اسلام اسان جي ذهن کي فَعَّال بڻائي ٿو، اسلام اسان کي وَهم پرستين جي قيد کان نجات ڏي ٿو.

## بدشگوني جي باري ۾ 4 فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

❖ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايائون: لَيْسَ مِنَّا مَنْ تَطَيَّرَ وَ لَا تُطُيِّرَ لَهٗ جنهن بدشگوني ورتي ۽ جنهن جي لاءِ بدشگوني ورتي وئي اهي اسان مان نہ آهن.[1] ❖ اسان جي نبي، سچي نبي، پياري نبي، آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جنهن ڪهانت ڪئي يا جيڪو تيرن جي ذريعي فال ڪڍي يا جيڪو بدشگوني جي ڪري سفر تان موٽي اچي اهو شخص

[1]...مُسْنَدِ بَزّار، جلد:9، صفحہ:52، حديث:3578۔

ڪڏهن بہ بلند درجات تائين نٿو پهچي سگهي.[1] ❖ رسولِ بي مثال، بي بي آمنہ جي لال صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ٽي ڀيرا فرمايائون: اَلطِّيَرَةُ شِرْكٌ، اَلطِّيَرَةُ شِرْكٌ، اَلطِّيَرَةُ شِرْكٌ بدفالي وٺڻ شرڪ آهي، بدفالي وٺڻ شرڪ آهي، بدفالي وٺڻ شرڪ آهي، پوءِ ارشاد فرمايائون: اسان مان هر شخص کي اهڙو خيال اچي ويندو آهي پر الله پاڪ توڪّل جي ذريعي ان کي ختم فرمائي ڇڏيندو آهي..[2]

هن حديثِ پاڪ تحت عالم سڳورا لکن ٿا: جاهليّت واري زماني ۾ ماڻهو بدفالي وٺندا هئا، انهن جو عقيدو هوندو هو تہ بدشگوني جي تقاضي تي عمل ڪرڻ سان انهن کي نفعو حاصل ٿيندو آهي مثال طور ڪو شخص ڪم جي لاءِ نڪتو ۽ واٽ ۾ ٻلّيءَ ان جو رستو ڪٽي ورتو، هاڻي جيڪڏهن هو واپس موٽي آيو تہ زمانہ جاهليت جي ماڻهن جو عقيدو هو تہ ائين ڪرڻ سان اسان کي فائدو ٿئي ٿو، ان ڪري حديثِ پاڪ ۾ بدشگوني کي شرڪ قرار ڏنو ويو، جيڪڏهن ڪو ٻانهو صِرف بدشگوني وٺي ۽ گڏوگڏ اهو عقيدو بہ رکي تہ ٿيندو اهو ئي آهي جيڪو الله پاڪ چاهي ٿو، ان ڪان عِلاوه دُنيا جي ڪا طاقت الله پاڪ جي مَرضِي جي خِلاف ڪجھ نٿي ڪري سگهي، هن صورت ۾ بدشگوني وٺڻ شِرڪ خَفِي (يعني گُناھ جو ڪم آهي) ۽ جيڪڏهن ڪو ٻانهو اهو عقيدو رکي تہ مثال طور تارا خود پنهنجي طاقت سان، الله پاڪ جي مرضي جي خِلاف بہ اَثر ڪري سگهن ٿا، هن صورت ۾ اها بدشگوني وٺڻ شرڪ جَلِي آهي، اهو ڪفر ۾ شمار ٿيندو آهي.[3] ❖ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايا: مَنْ رَدَّتْهُ الطِّيَرَةُ عَنْ شَيْءٍ فَقَدْ قَارَفَ الشِّرْكَ يعني جيڪو شخص بدشگوني جي ڪري ڪنهن شيءِ کان رڪجي، اهو شرڪ ۾ مبتلا ٿي ويو.[4]

---

[1]…مجمعُ الزّوائد، جلد:5، صفحہ:144، حديث:8487 ۔

[2]…ابوداؤد، کتابُ: الطِّبّ، صفحہ:615، حديث:3910 ۔

[3]…مِرْقاة شرح مشکوٰة، کتابُ: الطِّب، جلد:8، صفحہ:398، زيرِ حديث:4584۔

[4]…مجمعُ الزَّوائِد، کتابُ:الطِّب، جلد:5، صفحہ:127، حديث:8415۔

## اسلامي تعليمات جو ڪمال

**اي عاشقانِ رسول ! غور ڪيو! وَهم پرستي، بدفالي، بدشگوني ڪھڙي خطرناڪ باطني بيماري آهي ۽ اهي اَڄ بہ ننڍين ننڍين ڳوٺن ڪان وٺي وڏن وڏن ترقي يافتہ چورائڻ وارن ملڪن تائين پکڙيل آهي، هاڻي اسلامي تعليمات جو ڪمال ڏسو تہ اسلام اسان کي اِن شَآءَ الله الڪرِيم چوڻ سيکاريو، قرآنِ ڪريم جي صِرف هڪ آيت جي هڪ جُز ۾ حڪم ڏنو ويو تہ ڪنهن بہ ڪم جو ارادو ڪرڻ هجي، ان سان گڏ اِن شَآءَ الله لازمي چيو وڃي ۽ اهو يقين رکيو وڃي تہ جيڪڏهن الله پاڪ چاهيو تہ مان پنهنجي ارادي ۾ ڪامياب ٿي ويندس. اسلام جي صِرف هن هڪ تعليم ان تمام وَهم پرستين جي، تمام بدشگونين جي ڪاٽ ڪري ڇڏي. سُبحٰنَ الله! اها آهي اسلام جي جامعيت ۽ اها آهي اسلام جي عالمگير، پاڪيزه ۽ خوش گوار تعليم. الله پاڪ اسان سڀني کي اسلام جي هنن پاڪيزه تعليمات تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.**

**بدشگوني بابت تفصيلي معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو ڪتاب بدشگوني پاڻ بہ پڙهو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو.**

اي عاشقانِ رسول! **اڄ ڪان پنهنجو اهو پَڪو ذهن بڻائي وٺو تہ هاڻي جڏهن بہ ڪنهن ڪم جو ارادو ڪنداسين، گڏوگڏ اِن شَآءَ الله الڪرِيم لازمي چونداسين ۽ اهو يقين رکنداسين تہ الله پاڪ چاهيو تہ دُنيا جي ڪا طاقت منهنجي راهہ ۾ رڪاوٽ نہ ٿي بڻجي سگھي.**

**هڪ ٻي ڳالھ اها هي تہ اسان وٽ ڪوڙ ماڻهن کي دُرُست اِن شَآءَ الله چوڻ نٿو اچي. اِن شَآءَ الله عربي جو لفظ آهي تہ يقيناً عربي ئي ۾ ادا ڪيو ويندو، ان جي آخر ۾ ها ايندي آهي عام طور تي ماڻهو آخر ۾ ها جي جڳھ الف پڙهن ٿا، امير اهلسنت** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه **جو مبارڪ انداز آهي تہ پاڻ اِن شَآءَ الله الڪرِيم پڙهندا آهن تہ جيئن لفظ الله جي هَا دُرُست ۽ پُوري پڙهي وڃي. الله پاڪ اسان سڀني**

ڪي دُرُست اسلامي تعليمات سکڻ، سمجهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

صَلُّوا عَلَی الحَبِيب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: 72 نيڪ اعمال

پيارا اسلامي ڀائرو! اِسلام جي تعليمات سکڻ ۽ انهن تي عمل جو جذبو پيدا ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو ۽ 12 ديني ڪمن ۾ خوب وڌ ڪان وڌ حصو وٺو، اِن شَآءَ الله الڪرِيم! ان جي برڪت سان دين ۽ دُنيا جون بي شمار ڀلائيون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم آهي: 72 نيڪ اعمال.

”72 نيڪ اعمال“ شيخ طريقت، امير اهلسنت حضرت علامه مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ العَالِيه جو عطا ڪيل نيڪ بڻجڻ جو بهترين نسخو آهي، اميراهلسنت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ العَالِيه پنهنجي مريدن، شاگردن، چاهيندڙن بلڪ سڄي دُنيا جي عاشقانِ رسول جي تربيت جي لاءِ پنهنجي علمي و روحاني تجربي جي روشني ۾ 72 سوال لکيا آهن، هر سُوال جي هيٺ خانا نهيل آهن، روزانو مقرر وقت تي انهن سوالن جي مطابق پنهنجو محاسبو ڪرڻ ۽ ان جي مطابق خانا پُر ڪرڻا هوندا آهن. الحمد لله! مُشَاهدو آهي ته پابندي سان 72 نيڪ اعمال جو رسالو پڙهڻ سان نيڪيون ڪرڻ، گُنَاهن کان بچڻ جو ذِهن بڻجندو ۽ ڪردار ۾ نمايا تبديلي ايندي آهي.

## نيڪ بڻجڻ جو زبردست فارمولو

ڪراچي (پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خُلاصو آهي: اسان جي علائقي جي مسجد جو امام صاحب جيڪو دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته آهي، ان هڪ ڏينهن منهنجي وڏي ڀاءُ کي 72 نيڪ اعمال جو رسالو تحفي ۾ ڏنو، ڀاءُ گهر اچي ان کي پڙهيو ته حيران ٿي ويو ته هن مختصر رسالي

۾ هڪ مسلمان کي اسلامي زندگي گذارڻ جو ايترو زبردست فارمولو ڏنو ويو آهي، بس ان 72 نيڪ اعمال جي رسالي سندس زندگي ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو ان جي برڪت سان الحمدلله ان کي نماز جو جذبو مليو ۽ باجماعت نماز جي ادائيگي جي لاءِ مسجد ۾ حاضِر ٿي ويو ۽ هاڻي 5 وقت جو نمازي بڻجي چڪو آهي، ڏاڙهي مبارڪ بہ سجائي ورتي ۽ 72 نيڪ اعمال جو رسالو پڻ پرين ٿا.[1]

مدنی انعامات کے عامل پہ ہر دَم، ہر گھڑی يااِلٰہی! خوب برسا رَحمتوں کی تُو جھڑی

**نوٽ**: دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ ”نيڪ اعمال“ کي پهريان ”مدني انعامات“ چيو ويندو هو.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اَلقُرآن مَعَ التَفسِير ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جي *I.T* ڊپارٽمنٽ جي طرفان هڪ زبردست موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي وئي آهي: *Quran with Tafseer* (اَلقُرآن مَعَ التَّفسِير) ايپلي ڪيشن. هن ايپلي ڪيشن ۾ قرآن ڪريم، ترجمہ ڪنز الايمان، ترجمو ڪنز العرفان ۽ تفسير صراط الجنان شامِل آهي. پنهنجي موبائل ۾ اها ايپلي ڪيشن انسٽال ڪريو، قرآنِ ڪريم پڙهو، ترجمو پڙهو، تفسير پڙهي قرآنِ ڪريم سمجهو، ان جون برڪتون ماڻيون ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت ۽ چند آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سَعَادت حاصِل ڪيان ٿو. هڪ ڏينهن تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مَن تَمَسَّكَ بِسُنَّتِي عِندَ فَسَادِ اُمَّتِي فَلَهُ اَجرُ

---

[1]…جنت کے طلب گاروں کے لئے مدنی گلدستہ، صفحہ:14۔

مِائَةِ شَهِيدٍ يعني اُمت جي فساد جي وقت جيڪو شخص منهنجي سنت تي مضبوطي سان عمل ڪندو ان کي سو شهيدن جو ثواب عطا ڪيو ويندو.[1]

ہر کام شریعت کے مطابِق میں کروں کاش! یارب تو مبلغ مجھے سُنّت کا بنا دے[2]

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ”نيڪ فال وٺڻ“ سُنَّتِ مصطفيٰ آهي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: بَدفالي ڪا شيءِ ناهي ۽ فال سني شيءِ آهي. ماڻهن عرض ڪيو: فال ڪهڙي شيءِ آهي؟ فرمايائون: سنو جملو جيڪو ڪنهن ڪان ٻڌو.[3]

نيڪ فال جو مطلب: مثال طور ڪنهن ڪم ڪان نڪري، راهہ ۾ تِلاوتِ قرآن جو آواز ٻُڌو يا ڪنهن بزرگ جي زيارت ٿي وئي تہ ان ڪان اُمّيد رکڻ تہ اِن شَآءَ الله الكرِيم! مقصد ۾ ڪاميابي ٿيندي، اهو نيڪ فال آهي.

نيڪ فال وٺڻ شرعاً مُستَحَب (يعني پسنديده) آهي ۽ پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪان ثابت آهي، مُفَسّر قرآن، حڪيم الاُمَّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نيڪ فالي کي سُنَّتِ مصطفيٰ لکيو آهي.[4] اسان جي آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي نيڪ فال وٺڻ پسند هو، پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيئي موقعن تي نيڪ فال ورتو هو، مثال طور ❖ صلح حُدَيبِيہ جي موقعي تي جڏهن ڪافرن سان مذاڪرات ٿيڻا ها، ڪافرن پاران حضرت سُهيل بن عَمرو رَضِيَ اللهُ عَنْه سفير بڻجي آيا (هو اُن وقت تائين مسلمان نه ٿيا هئا) پياري آقا، مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان جي نالي مان نيڪ فال وٺندي فرمايائون: قَد سَهلَ لَكم مِن اَمرِكم

---

1…زُہد کبیر، صفحہ:118، حدیث207۔

2…وسائل بخشش، صفحہ:115۔

3…بُخاری، کتاب:الطب، باب: الطيرة، صفحہ:1454، حدیث:5754۔

4…مرآۃ المناجیح، جلد:6، صفحہ:255۔

يعني هاڻي توهان جو ڪم آسان ٿيندو.[1] ❖ هڪ ڀيري حضرت بُريده اسلمي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه پنهنجي قبيلي جي 70 افراد سان بارگاهِ رسالت ۾ حاضِر ٿيا، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان ڪان پڇيو: اوهان ڪير آهيو؟ عرض ڪيائين: اَنَا بُرَيدَه مان بُريده آهيان، رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان جي نالي مان نيڪ فال وٺندي فرمايائون: بَرَدَ اَمرُنا وَ صَلُحَ اسان جو معاملو ٺڏو ٿي ويو ۽ دُرست ٿي ويو.[2]

خيال رهي! نيڪ فال ڪنهن چڱي ڳالهه، نيڪ شخص جي زيارت يا بابرڪت ڏينهن ڪان وٺي سگهجي ٿي، پکين ۽ جانورن ڪان جهڙي طرح بُرو شگون وٺڻ منع آهي اهڙي طرح پکين ۽ جانورن مان نيڪ فال وٺڻ جي به اجازت نہ آهي.[3]

---

[1]…بُخاری، کتاب: الشروط، صفحہ:704-707، حدیث:2731-2732۔

[2]…الاستیعاب فی معرفۃ الاصحاب، جلد:1، صفحہ:263۔

[3]…بَدْ شُگُونی، صفحہ:116۔

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري
## اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن. (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا)

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا. (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65)

### (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. (القول البديع، الباب الثانى، ص277)

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف ڪي ھڪ ڀيرو پڙھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي. (افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149)

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

ھڪ ڏينھن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنھنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھيءَ تي صَحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم ڪي تَعَجُّب ٿيو تہ اھڙي مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙھندو آھي تہ ھيئن پڙھندو آھي. (القول البدیع، الباب الاول، ص125)

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آھي : جيڪو شخص ھي درود پاڪ پڙھي ان جي لاءِ منھنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آھي. (الترغیب والترھیب، ج ۲، ص ۳۲۹، حدیث ۳۱))

## (1) ھڪ ھزار ڏينھن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

**حضرتِ سَیِّدُنا ابنِ عباس** رَضِیَ اللہُ عَنۡہُمَا **کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ** صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.** ( مجمع الزوائد،کتاب الادعیۃ،باب فی کیفیۃ الصلاۃ...الخ،254/10،حديث:17305)

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الۡحَلِيۡمُ الۡكَرِيۡمُ ، سُبۡحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبۡعِ وَرَبِّ الۡعَرۡشِ الۡعَظِيۡمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، **الله** عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: **جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.** (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد